**ڊاڪٽر الطاف جوکيو**
اسسٽنٽ پروفيسر
غلام رباني آگرو گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڪنڊيارو

# لفظ ’ياد‘ جي جمع صورتن: ’يادون/ ياديون‘ جي ترجيحي صورت جو اڀياس

# WORD “YAD” PLURAL “YADOON/YADYOON” REVIEW

**Abstract:**

In Sindhi Grammar, there is great Significance of last Vowel (Short, long and diphthong) in word format. Especially, Short vowel carries a huge weight as compared to others in Sindhi; because, other languages of Indian sub-continent show similar behavior by focusing on the long vowel.

Why last short vowel is so important in Sindhi words, it can be answered in this way that our Sindhi language is dependent with respect to Number (singular, plural), Gender (male, female), Case (nominative, accusative, possessive) and Postposition (Preposition) on last short vowel. The plural orthographic forms of word ‘ياد’ are ‘يادون’ and ‘يادیون’. The object of this study is to find a proper/ preferential plural form of Sindhi word ‘يادِ’. For this purpose a detailed study of Singular-Plural of few Sindhi words has been carried out keeping in view the value of last vowel regarding

## 1. مسئلي جو بيان

سنڌي ٻوليءَ جي صرفي توڙي نحوي بناوت ۾ لفظن جي آخري سُر جي وڏي اهميت هوندي آهي. آخري سُرن ۾ ٻه، ٽن قسم جي سُرن (ڊگهن، ڌرن ۽ ڇوٽن) مان ڇوٽي سُر جي نفاست ۽ نزاڪت کي نوٽ ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته، ڊگهن سُرن تي صرفي يا نحوي بناوت جو مدار، هندستاني ٻولين يا اردو ۾ به نوٽ ڪيو ويو آهي. ليڪن ڇوٽن سُرن تي نحوي بناوت جو مدار، سنڌي ٻوليءَ جي خاص مزاج ۾ شامل آهي. سنڌي ٻوليءَ جي مڙني لهجن موجب اها ڳالهه مسّلَم آهي ته مؤنث- مذڪر، واحد- جمع، اسم جي فاعلي- مفعولي حالت ۽ حرف اضافت جو مدار ڇوٽي سُر تي منحصر هوندو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۾ ڪنهن وينجن جي آخري ڇوٽي يا ڊگهي سُر جي اهميت

ڪي هيٺين اهم عنوانن ۾ نوٽ ڪيو ويو آهي.

- واحد۔ جمع
- مؤنث۔ مذڪر
- اسم جي فاعلي / مفعولي حالت
- حرف اضافت
- حرف جر

هتي صرف آخري سُر (Vowel) تي مرڪوز رهي ڪنهن لفظ جي واحد- جمع جا اصول جاچي لفظ ’ياد‘ جو جمع جاچڻ مقصود آهي.

## 1.1. مسئلي جو سوال

? سنڌي لفظن جي ڪهڙن آخري سُرن (Vowels) جي تبديل سان جمع جڙندا آهن؟

? ’يادِ‘ جو جمع ’يادُون‘ ٿيندو يا ’يادِيُون‘؟

## 2. سنڌي ٻوليءَ ۾ آخري سُر جي نسبت واحد۔ جمع جي صوتياتي فرق جو اڀياس

دنيا جي مڙني ٻولين ۾ واحد- جمع جو تصور آهي ۽ ٻولين جي نسبت ان جا ڪي دائرا پڻ متعيّن آهن. ٻولين ۾ اهڙن دائرن يا اصولن جو تعداد ڪافي ٿي وڃي ٿو، ظاهر آهي ته متعيّن دائرن جو بنياد روزمره واري ٻولي ئي هوندي آهي.

جيڪڏهن انگريزي ٻوليءَ جي واحد- جمع جي اصولن کي ڳڻينداسين ته ان جو به تعداد تقريباً 10 تي ويندو. ٻئي پاسي عربيءَ ۾ مستعمَل واحد- جمع جي اصولن/ وزنن کي ڏسنداسين ته ان جو تعداد تقريباً 20 وڃي بيهي ٿو. عربيءَ ۾ ته صرفي لحاظ کان واحد- جمع کان علاوه ’تثنيو‘ پڻ آهي، جيڪو سنسڪرت کان سواءِ، دنيا جي ورلي ڪنهن ٻوليءَ ۾ هوندو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي ڄاڻائڻ موجب سنسڪرت ۾ تثنئي جو تصور موجود آهي. (1)

سنڌي ٻوليءَ ۾ واحد- جمع لاءِ مسٽر دلامل ٻولچند صاحب 7 اصول ڏسيا آهن (2)؛ ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب لفظن جي مذڪر- مؤنث حالت جي صورت ۾ جمع- واحد جا الڳ الڳ اصول رکيا آهن، جيڪي 7 مؤنث اسمن مان جمع ٺاهڻ جا اصول ڏسيا آهن ۽ 8 مذڪر اسمن مان جمع ٺاهڻ جا اصول ڏسيا آهن. (3)

واحد- جمع جي حاصل مطلب ۾ مرزا قليچ بيگ صاحب ڄاڻائي ٿو ته:

”سنڌيءَ ۾ جمع واريون پڇاڙيون جملي ٿي آهن:

1. ’اُون‘ پڇاڙي: ڪٺ- ڪٺون، ٻلا- ٻلائون ۽ ڪنڊ- ڪنڊون. اهڙيءَ طرح

مؤنث اسمن جو جمع عام طرح 'اُون' پڇاڙيءَ گڏڻ سان ٺهي ٿو. راجا- راجائون ۽ سيٺِ- سيٺِيون. اهڙيءَ طرح انهن پڇاڙين وارن ٿورن مذڪر اسمن جو جمع بہ 'اُون' پڇاڙيءَ گڏڻ سان ٺهي ٿو.

2. مذڪر پڇاڙي 'اَ' جنهن جو گهُٽيل اچار 'آ' مثلاً: ڇوڪرو، جمع ڇوڪرا يا ڇوڪرَ، گڏهُ جمع گڏهَ.

3. 'او' پڇاڙيءَ جا مذڪر توڙي مؤنث اسمن جي پنيان گڏبي تہ اهي سڏ ڪرڻ لاءِ ڪم ايندا، مثلاً: پينرو!، پائرو! دوستو ۽ ڀيا." (4)

ياد رهي تہ جنسي (Animate) ۽ غير جنسي (Inanimate) مؤنث- مذڪر وانگر واحد- جمع بہ ٿيندا آهن، ليڪن هتي ايتري باريڪ بينيءَ سان ڏسڻ جي گهرج محسوس نہ ٿي ٿئي. ان ڪان هتِي ڪري آخري سُرن جي بنياد تي هيٺ واحد مان جمع جي جڙڻ جو اڀياس پيش ڪجي ٿو:

## 2.1 آخري سرن (Vowels) جي تبديل سان جمع جي جاچ

- آخري سُر [اَ]/ [اَن] جي تبديل:

عام طور ڪنهن واحد جي آخري آواز [اَ]/ [اَن] ڪي جمع جي صورت ۾ [اُون] سان تبديل ڪيو ويندو آهي؛ جيئن:

| جمع | واحد |
|---|---|
| ڪٺُون | ڪٺَ |
| زالُون | زالَ |
| موڪلُون | موڪلَ |
| قبرُون | قبرَ |
| واٺُون | واٺَ |
| ترارُون | ترارَ |
| ڪٽڪُون/ ڪٽڪَ | ڪٽڪَ |
| آخري [اَن] سر | |
| ٻانهون | ٻانهن |
| دانهون | دانهن |

مسٽر دلامل بولچند صاحب لفظ 'ترار' ۾ آخري سُر [اِ] ڪم آندو آهي، جيڪو وچولي لهجي موجب 'ترارَ' ئي مناسب ٿيندو. (5)

مٿئين اصول ڪان هٽِي ڪري [اَ] آواز سان ختم ٿيندڙ ڪي لفظ اهڙا بہ سامهون اچن ٿا، جيڪي واحد توڙي جمع ۾ ساڳي صورت سان ڪم آندا ويندا آهن؛ جيئن:

| جمع | واحد |
|---|---|
| مددَ | مددَ |
| اُسَ | اُسَ |
| ڪٽڪَ | ڪٽڪَ |

نوٽ: ٻوليءَ جي نسبت ’ڪٽڪ‘ اهڙو لفظ ٻه آهي جيڪو ٻنهي صورتن ۾ ڪم اچي ٿو.

آخري سُر [اِ]/ [اِن] جي تبديل:
عام طور ڪنهن واحد جي آخري آواز [اِ]/ [اِن] ڪي جمع جي صورت ۾ [يُون/ اُون] جي اچار سان تبديل ڪيو ويندو آهي؛ جيئن:

| جمع | واحد |
|---|---|
| اکيُون | اکِ |
| پٽيُون | پٽِ |
| تڏيُون | تڏِ |
| سيٹيُون | سيٹِ |
| دليُون | دِلِ |
| راتيُون | راتِ |
| جنگيُون | جنگِ |
| آگريُون | آگرِ |
| ذاتيُون | ذاتِ |
| ڳالهيُون | ڳالِهہ |
| گُواريون | گُوارِ |
| رانديون | رانڊِ |
| ڪُکيُون | ڪُکِ |
| مَکيُون | مَکِ |
| وَٽيُون | وَٽِ |
| ماقبل آخر ڪي ڊگهي سر ’آ‘ ۾ مٽائي + يون | |
| اونداهيُون | اونڌَهِ |
| ماقبل آخر جي زبر ڪي مٽائي + اُون | |
| حالِتُون | حالَتِ |

| | |
|---|---|
| ڪوڏِرِ | ڪوڏِرُون |
| لالَچِ | لالِچُون |
| برساتِ | برساتُون |
| مُلاقاتِ | مُلاقاتُون |
| آخري [اِن] سر | |
| مينهِن | مينهون |

نوٽ: ٻوليءَ جي نسبت 'جهارِ' اهڙو لفظ آهي جيڪو واحد توڙي جمع، ٻنهي صورتن ۾ ڪم اچي ٿو.

آخري سُر [اُ]/ [اُن] جي تبديل:
عام طور تي ڪنهن واحد لفظ جو آخري آواز [اُ]، جمع جي صورت ۾ [اَ] سان تبديل ٿيندو آهي؛ جيئن:

| واحد | جمع |
|---|---|
| پُٽُ | پُٽَ |
| اُٺُ | اُٺَ |
| ٻِلُ | ٻِلَ |
| مزورُ | مزورَ |
| چَپُ | چَپَ |
| ڪوڙُ | ڪوڙَ |
| زيورُ | زيورَ |
| هٿيارُ | هٿيارَ |
| آخري [اُن] سر | |
| شينهن | شينهن |
| ڏينهن | ڏينهن |
| مينهن | مينهن |
| مُنهن | مُنهن |

مٿين مثالن ڪان علاوه رشتن تي مبني، [اُ]/ [اُن] آواز سان ختم ٿيندڙ اسمن جو جمع مٿئين اصول ڪان هٽي ڪري ٿئي ٿو؛ جيئن: پيءُ، ماءُ، ياءُ، پيڻُ، ڌيءُ، نُنهن.

مسٽر دلامل بولچند صاحب اهڙن اسمن جي جمع بابت لکي ٿو ته:
"Masculine Nouns ending in [اُ] the words پيءُ، پاءُ and some other words showing relationship, and belonging to the Exception to that rule, viz: ماءُ، ننهن، ڌيءُ، پيڻُ , their plurals irregularly."

| Plural جمع | Singular واحد |
|---|---|
| پيئرَ | پيءُ |
| پائرَ | پاءُ |
| مائُون | ماءُ |
| مائرُ | |
| مائرُون | |
| پيڻُون | پيڻُ |
| پينرُ | |
| پينرُون | |
| نُنهون | نُنهن |
| نُهرُ | |

(6)

**جمع جي صورت ۾ [ءُ] > [وَ] ۾ تبديل:**

آخري [اُ] سُر جا [اَ] ۾ تبديل ٿيڻ وارا مثال مٿي اچي چڪا آهن: ساڳئي اصول تحت سنڌي ٻوليءَ ۾ واحد- جمع جي حالت ۾ [ءُ] > [وَ] ۾ تبديل ٿيڻ وارا مثال به ملن ٿا، جيڪي آخري سُر 'ءُ' کان اڳ گهٽائپ ۽ چند بغير گهٽائپ سبب 'واو' متحرڪ سان جڙن ٿا؛ جيئن:

| جمع | واحد |
|---|---|
| آخري سر کان اڳ گهٽائپ وارا لفظ | |
| ڪانوَ | ڪانءُ/ ڪانوُ |
| نانوَ | نانءُ/ نانوُ |
| ڏانوَ | ڏانءُ/ ڏانوُ |
| ٿانوَ | ٿانءُ/ ٿانوُ |
| هنيانوَ | هنيانءُ/ هنيانوُ |
| وهانوَ | وهانءُ/ وهانوُ |
| آخري سر کان اڳ بغير گهٽائپ وارا لفظ | |
| گهاوَ | گهاءُ |

| | |
|---|---|
| پاءُ | پاوَ |
| دباءُ | دباوَ |

- آخري سُر [آ]/ [آن] جي تبديل:

عام طور تي ڪنهن واحد لفظ جو آخري آواز [آ]، جمع جي صورت ۾ [ئُون] سان تبديل ٿيندو آهي؛ جيئن:

| واحد | جمع |
|---|---|
| دوا | دوائُون |
| هوا | هوائُون |
| دعا | دعائُون |
| بلا | بلائُون |
| اڻ- مَتجندڙ آواز | |
| پوڄا | پوڄا |
| آخري [آن] سر | |
| اهڙو ڪو لفظ ڪونہ ٿو ملي | |

- آخري سُر [اي] جي تبديل:

هن آواز سان ڪي واحد- جمع لفظ ڪونہ ٿا ملن، البتہ جملي جي جوڙجڪ ۾ اهڙو آواز ڪم اچي ٿو، جيئن: ڇوڪري (مذڪر) ڪتاب پڙهيو.

- آخري سُر [اِي]/ [اِين] جي تبديل:

عام طور تي ڪنهن واحد لفظ جو آخري آواز [اِي]، جمع جي صورت ۾ [اُون] سان تبديل ٿيندو آهي؛ جيئن:

| واحد | جمع |
|---|---|
| ٻلي | ٻليُون |
| ٽارِي | ٽارِيُون |
| ڇورِي | ڇورِيُون |
| ڳوٽري | ڳوٽريُون |
| ٽوپي | ٽوپيُون |
| ٽوڪري | ٽوڪريُون |
| مڇي | مڇيُون |

| اڻ- متجندڙ | |
|---|---|
| ڪڙمِي | ڪڙمِي |
| ڏوبِي | ڏوبِي |
| جوڳِي | جوڳِي |
| شيدِي | شيدِي |
| موچِي | موچِي |
| ڪتِي | ڪتِي |
| درزِي | درزِي |
| منشِي | منشِي |
| پکِي | پکِي |
| موتِي | موتِي |
| سنگتِي | سنگتِي |
| آخري [اِين] سر | |
| باڍِين (ڪٽ جي/ زيور) | باڍيُون |
| چاڍِين | چاڍيُون |

مٿيان اڻ- متجندڙ آوازن وارا چند مثال اهڙا آهن جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ واحد- جمع توڙي مذڪر- مؤنث وارن اصولن جي ابتڙ استعمال ٿيندا آهن: مثال طور:

ٽوڪرِي، جمع ٽوڪريُون: ٽوپِي، جمع ٽوپيُون: تہ ساڳئي اصول موجب موتي جمع موتيُون ٿيڻ گهرجي، ليڪن ٻوليءَ جي لحاظ کان موتيءَ جو جمع موتي ئي ٿيندو.

ٽوڪرِي، ٽوپِي غير جنسي مؤنث ڄاتا ويندا آهن، جيئن: پراڻي ٽوڪرِي، پِلي ٽوپِي: ساڳئي اصول موجب پِلي ڌوبِي نہ ٿو ٻيهي بلڪ پِلو ڌوبِي، سياڻو جوڳِي وغيره.

🗣 آخري سُر [اَي] جي تبديل:

سنڌي ٻوليءَ ۾ [اَي] جي خاتمي سان ڪي واحد- جمع لفظ ڪونہ ٿا ملن.

🗣 آخري سُر [او]/ [اون] جي تبديل:

عام طور تي ڪنهن واحد لفظ جو آخري آواز [او]، جمع جي صورت ۾ [آ] سان تبديل ٿيندو آهي: جيئن:

| جمع | واحد |
|---|---|
| گهوڙا | گهوڙو |
| ڪپڙا | ڪپڙو |
| تارا | تارو |
| آڪيرا | آڪيرو |
| پڃرا | پڃرو |
| عضوا | عضوو |
| فائدا | فائدو |
| درجا | درجو |
| واڍا | واڍو |
| پاسا | پاسو |
| آخري [اون] سر | |
| ڪينئان | ڪينئون |
| سونهان | سونهون |
| اڻ- مٽجندڙ | |
| ٽامو | ٽامو |

آخري سُر [اُو]/ [اُون] جي تبديل:
عام طور تي ڪنهن واحد لفظ جو آخري آواز [اُو/ اُون]، جمع جي صورت ۾ تبديل نہ ٿو ٿئي، بلڪ ساڳي صورت ۾ رهي ٿو؛ جيئن:

| جمع | واحد |
|---|---|
| ماٺُهو | ماٺُهو |
| رهاڪُو | رهاڪُو |
| واڻهڙُو | واڻهڙُو |
| تنبُو | تنبُو |
| آبرُو | آبرُو |
| ڏاٽُو | ڏاٽُو |
| آخري [اُون] سر (اڻ- مٽجندڙ) | |
| ڏاڙهُون | ڏاڙهُون |
| دارُون | دارُون |
| ڳٽُون | ڳٽُون |
| جُون | جُون |

آخري سُر [اَو] جي تبديل:

عام طور تي ڪنهن واحد لفظ جو آخري آواز [اَو]، جمع جي صورت ۾ تبديل نہ ٿو ٿئي بلڪ ساڳي صورت ۾ بيهي ٿو؛ جيئن:

| واحد | جمع |
|---|---|
| پؤ (ڊپ) | پوَ |
| تؤ (تڪُ) | توَ |

مٿيان اصول جيڪي پيش ڪيا ويا، سي بنيادي طور تي سنڌي ٻوليءَ سان وابستہ آهن، ان ڪان علاوه ڌارين ٻولين (عربي- فارسي) جا لفظ، توڙي اصول ٿوري گهڻي فرق سان پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم آندا وڃن ٿا. (7)

**سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ عربي- فارسي جي اصولن تي مبني واحد- جمع**

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي توڙي فارسي جمع- واحد لفظن جي استعمال بابت راءِ رکي آهي.

ڊاڪٽر الانا صاحب لکي ٿو تہ: ”عربي ۽ فارسي ٻولين جا ڪيترائي اسم جمع، سنڌي ٻوليءَ ۾ عدد واحد طور استعمال ٿيندا آهن؛ مثال طور:

| عربي جمع لفظ | سنڌيءَ ۾ واحد صورت | سنڌيءَ ۾ جمع صورت |
|---|---|---|
| ارواح | ارواحُ | ارواحَ |
| اوليا | اولياءُ | اولياءَ |
| احوال | احوالُ | احوالَ |
| عجائب | عجائبُ | عجائبَ، عجائبات |

| عربي لفظ (عدد جمع) | سنڌيءَ ۾ عدد واحد |
|---|---|
| اَرباب (رب) | اَربابُ |
| اَرڪان (رڪن) | اَرڪانُ |
| اَسباب (سبب) | اَسبابُ |
| اَشراف (شريف) | اشرافُ |
| اَفواهہ (فوهہ) | اَفواهہُ |
| اِملاڪ (مِلڪ) | اِملاڪُ |
| اولاد (ولد) | اولادُ |
| جواهر (جوهر) | جَواهرُ |
| ملائڪ (مَلڪ) | مَلائڪُ |
| عيال (عيل) | عيالُ |

اهڙيءَ طرح 'باغات' ۽ 'مقرات' وغيره اسم ، فارسي ٻوليءَ ۾ عدد جمع جي صورت ۾ استعمال ٿيندا آهن، پر سنڌي ٻوليءَ ۾ اهي لفظ عدد واحد جي صورت ۾ ڦرن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ ۾ اسم جا ڪي عدد جمع، فارسي ترڪيب واري نموني تي بہ ٺهندا آهن؛ مثال طور: فارسي نموني موجب 'ها' ملائڻ سان عدد جمع ٺهندو آهي:

لک + ها = لکها

گل + ها = گلها

جنت + ها = جنتها

'آن' پڇاڙي ملائڻ سان عدد جمع ٺهندو آهي؛ جيئن:

دختران

پِسران." (8) (الانا، 2010: 50)

سائين الانا صاحب جي ڄاڻايل 'اِملاڪ (مِلڪ)' جي اِملا جي حوالي سان ياد رهڻ گهرجي تہ عربي جي وزنن موجب: 'اَفعال' جمع مڪسر جو وزن آهي، جڏهن تہ 'الف تي زير' سان 'اِفعال' ساڳيو وزن 'مصدر' طور ڪم آندو ويندو آهي؛ ان لحاظ ڪان جمع صورت لاءِ، عربيءَ موجب 'اَملاڪ' (زبر سان) لفظ جي صورتخطي درست ڄاتي ويندي آهي.

سائين الانا صاحب جن عربي 'اَفعال/ اَفعِلاء/ فَعائِل' ۽ 'جمع الجمع' جي وزنن وارن مثالن ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي، سي چند لفظن ڪان علاوه سنڌي ٻوليءَ ۾ بيشڪ واحد جي صورت ۾ استعمال ڪيا ويندا آهن.

## 2.2. نچوڙ

- ✍ ڪنهن واحد جي آخري آواز [اُ/ اَن] ڪي جمع جي صورت ۾ [اُون] سان تبديل ڪيو ويندو آهي؛ جيئن: ڪٺ- ڪٺون، دانهن- دانهون؛
  ان ڪان علاوه ساڳئي اصول ڪان هٽي ڪري ڪي لفظ اهڙا بہ هوندا آهن، جيڪي واحد توڙي جمع جي حالت ۾ ساڳي صورت سان ڪم آندا ويندا آهن، جيئن: مدَدَ، اُس وغيره.
- ✍ ڪنهن واحد جي آخري آواز [اِ/ اِن] ڪي جمع جي صورت ۾ [يُون/ اُون] جي اچار سان تبديل ڪيو ويندو آهي؛ جيئن: اڪِ- اڪيون، حالتِ- حالتون، مينهِن- مينهون.
- ✍ ڪنهن واحد لفظ جو آخري آواز [اُ/ اُن]، جمع جي صورت ۾ [اَ] سان تبديل ٿيندو آهي؛ جيئن: پٽُ- پٽ، ڏينهن- ڏينهن؛
  مٿئين ساڳئي اصول ڪان ٻاهر رشتن وارا لفظ نرالي نموني جمع ٿيندا

آهن: جيئن: ماءُ- مائرون وغيره.

- ساڳئي اصول موجب ڪي لفظ اهڙا آهن جيڪي آخري [ءُ] کان اڳ گهٽي قدر گهٽائپ سبب ءِ ڪي بغير گهٽائپ هوندي بہ [وَ] وينجن متحرڪ ۾ تبديل ٿئي ٿو؛ جيئن: ڪانءُ/ ڪانؤ- ڪانوَ، گهاءُ- گهاوَ.
- ڪنهن واحد لفظ جو آخري آواز [آ]، جمع جي صورت ۾ [ئُون] سان تبديل ٿيندو آهي؛ جيئن: دوا- دوائون؛

مٿئين اصول موجب ٻوليءَ ۾ چند لفظ اهڙا بہ آهن جيڪي ساڳي صورت ۾ رهن ٿا، جيئن: پوڄا.

- ڪنهن واحد لفظ جو آخري آواز [اِي]/ [اِين]، جمع جي صورت ۾ [اُون] سان تبديل ٿيندو آهي؛ جيئن: ٻلي- ٻليُون، ٻانهِين- ٻانهيُون؛

مٿئين اصول موجب ڪي لفظ اهڙا آهن، جيڪي واحد توڙي جمع ۾ ساڳي صورت سان ڪم آندا وڃن ٿا، جيئن: سپاهِي، سنگتِي، ڏوٻي وغيره.

- ڪنهن واحد لفظ جو آخري آواز [او]/ [اون]، جمع جي صورت ۾ [آ] سان تبديل ٿيندو آهي؛ جيئن: گهوڙو- گهوڙا، ڪيئون- ڪيئان.
- ڪنهن واحد لفظ جو آخري آواز [اُو/ اُون]، جمع جي صورت ۾ تبديل نہ ٿو ٿئي، بلڪ ساڳي صورت ۾ رهي ٿو؛ جيئن: ماٺُو- ماٺُو، ڏاڙهُون- ڏاڙهُون.
- ڪنهن واحد لفظ جو آخري آواز [اُو]، جمع جي صورت ۾ [وَ] 'واؤ' متحرڪ سان تبديل ٿئي ٿو، جيئن: پؤ- پوَ.
- ڪي لفظ مختلف آخري آوازن سان واحد توڙي جمع جي صورت ۾ ساڳي حالت ۾ رهن ٿا؛ جيئن: مدَدَ- مدَدَ، اُسَ- اُس، ڪٽڪَ- ڪٽڪَ؛ پوڄا- پوڄا؛ ڪڙمِي- ڪڙمِي، ڏوٻِي- ڏوٻِي، جوڳِي- جوڳِي؛ ٽامون- ٽامون؛ ماٺُو- ماٺُو، رهاڪُو- رهاڪُو، دارُون- دارُون، ڳٺُون- ڳٺُون؛ سَو وغيره.
- عربي جمع وزنن وارا چند لفظ، سنڌي ٻوليءَ ۾ گهٽي قدر واحد جي صورت ۾ ڪم آندا ويندا آهن؛ جيئن: ارواحَ- ارواحَ وغيره.

## 2.3. حاصل مطلب

سنڌي ٻوليءَ ۾ عام طور واحد مان جمع ٺاهڻ لاءِ ٺلهي ليکي چار اصول سامهون اچن ٿا:

- ڪنهن واحد لفظ جي آخر ۾ ايندڙ سُر [اَ]، [اِ]، [آ]، [اِي]، جمع جي صورت

۾ اڪثر [اُون]، [يُون]، [ئُون] سان مٽجي ٿو؛
البته [اِي] سُر وارن لفظن جو ڪجھ حصو جمع جي حالت ۾ تبديل نه ٿو ٿئي؛
- ڪنھن واحد لفظ جي آخر ۾ ايندڙ سُر [اَ]، جمع جي صورت ۾ [اَا] سان مٽجي ٿو؛
- ڪنھن واحد لفظ جي آخر ۾ ايندڙ سُر [او]، جمع جي صورت ۾ [آ] سان مٽجي ٿو؛
- ڪنھن واحد لفظ جو آخري سُر [اُو/ اُون] جمع جي صورت ۾ تبديل نه ٿو ٿئي؛ بلڪ ساڳيو ٿو رھي.

3. **ڇنڊڇاڻ**

مٿيون اپياس صرف ھڪ لفظ 'يادِ' جي جمع 'يادون' يا 'ياديون' جي ترجيحي صورت متعيّن ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو. ان حالت ۾ ھينيان ٻه معيار نڪري نروار ٿيا آھن، جنھن مان ان لفظ جي جمع واري ترجيحي صورت ڪي گذاريو وڃي ٿو:

3.1. **آخري زير وارن لفظن جي جمع جا نمونا**

اھڙو لفظ جنھن جي آخر ۾ ڇوٽو سُرُ (Short Vowel) /اِ/ اچي، ان جي جمع جون ٻه صورتون سامھون اچن ٿيون:

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| 1. | اَڪِ | اَڪيُون |
| | دِلِ | دِليُون |

ھتي /اِ/ پڇاڙيءَ سان 'يُون' ڳنڍجي ٿو. (ي + واؤ معروف + نون گھُٽو)

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| 2. | لالَچِ | لالِچُون |
| | برساتِ | برساتُون |

ھتي /اِ/ پڇاڙيءَ سان 'اُون' ڳنڍجي ٿو. (واؤ معروف + نون گھُٽو)

لفظ 'يادِ' جي جمع صورت جاچڻ لاءِ آخري زير وارن لفظن جي جمع ٺھڻ وارين صورتن ۾ ھينيون خاصيتون سامھون اچن ٿيون:
- اھڙا لفظ جن جو ماقبل آخر جو سُر آواز (Vowel) يا اعراب تبديل ٿئي ٿي؛ جيئن 'اَ > اِ' يعني 'زبر، زير ۾ مٽجي پوءِ جمع جي پڇاڙي لڳي ٿي: ڪوڏَرِ- ڪوڏِرُون، لالَچِ- لالِچون، حالَتِ- حالِتُون وغيره.
- اھڙا لفظ جن جو ماقبل آخر جو سُر آواز (Vowel) يا اعراب تبديل ٿئي ٿي؛ جيئن 'اُ > اِ' يعني 'زبر، زير ۾ مٽجي پوءِ جمع جي پڇاڙي لڳي ٿي:

آڱُر- آڱريون وغيره.

- اهڙا لفظ جن جو ماقبل آخر جو نڪوون سُر آواز (Nasal Vowel) يا اعراب ۽ گهٽائپ ختم ٿي وڃي ٿي: جيئن 'اِن > -' يعني زير ۽ گهٽائپ ختم ڪري پوءِ جمع جي پڇاڙي 'اُون' لڳي ٿي: مينڌهِن - مينڌهون وغيره.
- اهڙا لفظ جن جو ماقبل آخر جو ڇوٽو يا ڊگهو سُر آواز (Vowel) يا اعراب تبديل نہ ٿي ٿئي، بلڪ ساڳي صورت ۾ رهي ٿي: جيئن:
  - ➢ ماقبل آخر ڇوٽي سُر (Short Vowel) سان: اَڪِ- اڪيُون، بَسِ- بَسُون، دِلِ- دِليُون وغيره
  - ➢ ماقبل آخر ڇوٽي نڪوين سُر (Short Nasal Vowel) سان: جنگِ- جنگيُون وغيره
  - ➢ (الف) ماقبل آخر ڊگهي سُر (Long Vowel) سان: باههِ- باهيُون، ذاتِ- ذاتيُون، راتِ- راتيُون- گُوار- گُواريون...
  - ➢ (ب) ماقبل آخر ڊگهي سُر (Long Vowel) سان: برسات- برساتون، ملاقات- ملاقاتون،
  - ➢ ماقبل آخر ڊگهي نڪوين سُر (Long Nasal Vowel) سان: رانڌِ- رانڌيُون وغيره.

هن معاملي ۾ ياد رهي تہ ڪنهن لفظ جي وچ يا آخر ۾ 'ي' جي وينجن (Consonant) آواز ۾ اهڙي سگهہ هوندي آهي جو پاڻ کان اڳ واري آواز کي ساڪن بڻائي پاڻ سان ڪٺي، ٻنهي آواز (Cluster of Sound) بڻائي وٺندي آهي. جيئن: 'پيار'، 'ڌيان' وغيره ۾ 'پ ۽ ڌ جا آواز ساڪن ٿيندا آهن. (9)

## 3.2. لفظ کي قافئي نسبت ڏسڻ

هڪ دوست حافظ احمد راڄپر جي راءِ اها بہ آئي تہ جيئن لفظ 'يادِ'، 'ڳالهہ' جي وزن تي بيهي ٿو، تہ ان جو جمع بہ ڳالهہ مان ڳالهيون وانگر ياد مان ياديون ٿيڻ گهرجي. هاڻي جيڪڏهن لفظ جي وزن واري تور ڪبي تہ پوءِ هيٺئين انداز ۾ لفظ بيهندا:

| | |
|---|---|
| ڳالِهہ | ڳالهيُون |
| باهِ | باهيُون |
| ذاتِ | ذاتيُون |
| راتِ | راتيُون |

حافظ احمد واري ڳالهہ بہ ان حوالي سان وٽي جو ٻوليءَ ۾ هم قافيہ ۽ هم وزن لفظ بہ ڪافي ويجهڙائپ رکڻ جي نسبت پاڻ ۾ ملندا آهن. ان حوالي سان

لفظ جي قافئي نسبت بہ هن لفظ کي ڏسي سگهجي ٿو.

### 3.3. ٻوليءَ جي گردان نسبت ڏسڻ

مسٽر دلامل ٻولچند صاحب 'سنڌي ٻوليءَ جي آخري وينجن متحرڪ' جي نسبت اسم جي حالتن آهر واحد- جمع ۾ گرداني صورتون ڏنيون آهن: هتي آخري 'يون' پڇاڙيءَ نسبت چند مثال پيش ڪجن ٿا:

| واحد | جمع |
|---|---|
| Nominative: اکِ<br>Inflected: اکِ | Nominative: اکيُون<br>Inflected: اکيُن |
| Nominative: ڪرسي<br>Inflected: ڪرسيءَ | Nominative: ڪرسيُون<br>Inflected: ڪرسيُن |

(10)

مٿين لفظن ۾ ڪجهہ ٻين لفظن جون واحد- جمع صورتون رکي، آخري نون ساڪن جي حالت ۾ ڇنڊڇاڻ ڪجي ٿي:

| واحد | جمع | حالتن موجب جمع | آخري سر جو ڇيد |
|---|---|---|---|
| ٻلِي | ٻليُون | ٻليُن | ٻليُ (اُون > اُ) + نَ |
| درِي | دريُون | دريُن | دريُ (اُون > اُ) + نَ |
| ٻنِي | ٻنيُون | ٻنيُن | ٻنيُ (اُون > اُ) + نَ |
| ڪُرسِي | ڪُرسِيُون | ڪرسِيُن | ڪرسيُ (اُون > اُ) + نَ |
| پٽِ | پٽيُون | پٽيُن | پٽيُ (اُون > اُ) + نَ |
| راتِ | راتيُون | راتيُن | راتيُ (اُون > اُ) + نَ |
| اکِ | اکيُون | اکيُن | اکيُ (اُون > اُ) + نَ |
| ڪوڏِرِ | ڪوڏِرُون | ڪوڏِرُن | ڪوڏِرُ (اُون > اُ) + نَ |
| ملاقات | ملاقاتون | ملاقاتُن | ملاقاتُ (اُون > اُ) + نَ |
| لالَچِ | لالَچُون | لالَچُن | لالَچُ (اُون > اُ) + نَ |
| حالَتِ | حالَتُون | حالَتُن | حالَتُ (اُون > اُ) + نَ |

لفظن جي واحد- جمع مان اخذ ٿيندڙ خاصيتون:

- جنهن لفظ جي آخر ۾ 'اِي' سر آواز آهي، يعني 'ي' جو اکر اچي ٿو، سو 'اُون' پڇاڙيءَ سان ملي 'يُون' ۾ تبديل ٿئي ٿو.
- جنهن لفظ جي آخر ۾ 'اِ' سُر آواز آهي، يعني 'زير' آهي، سا بہ 'ي' ۾

تبديل ٿي، جمع صورت ۾ ’اُون‘ ملي، ’يُون‘ ۾ تبديل ٿئي ٿو.

- ياد رهي ته ’ي‘ وينجن آواز اهڙو آهي جيڪو لفظ جي وچ يا آخر ۾ هجڻ سبب پاڻ کان اڳ واري آواز کي ساڪن بڻائي ٿو ۽ ٻنهي کي گڏ ڪري ٻٽو آواز (Cluster of Sound) بڻائي ٿو: جيئن: پيار، ڏيان، ڏياري، ڏکيو، سورهيہ وغيره.
- ’اِ‘ يعني زير پچاڙيءَ وارا ڪي لفظ اهڙا به آهن جنهن ۾ ’اِ‘ جي بدران ’اِي‘ ملائي اسم فاعل يا اسم تصغير به جوڙي سگهجي ٿي: جيئن: لالَچِ- لالچِي (اسم فاعل)، ملاقاتِ- ملاقاتي (اسم فاعل)، ڪوڏرِ- ڪوڏِري (اسم تصغير). اهڙي صورت ۾ ’لالَچ، ملاقاتِ، ڪوڏر‘ جهڙن لفظن ۾ جمع لاءِ ’يہ + اُون = يُون‘ نہ ٿي ملائي وڃي.

## 3.4. فيس بوڪ ذريعي حاصل ٿيندڙ راين جو شمار

ڪافي دوستن لفظ ’ياد‘ جي جمع لاءِ رايا رکيا، تن جا هتي صرف نالا ڳڻائجن ٿا:

- **جن دوستن ’يادون‘ چاتايو:** اسرار هارون چنو - ڪاشف شاه - پپن پرين هالا - محمد روشن قريشي - نعمت الله سومرو - ساگر عالماڻي - واحد پارس - تولارام سوٿهڙ -مجتبیٰ جوکيو - يوسف نوحاڻي - بخشل خان - سارنگ رام - حڪيم احسن سنڌي - شاهنواز گهوٽو - جنيد خان جمالي - نثار احمد سرگاٽي - امجد برهماڻي - عبدالمالڪ چنو - ايوب عمراڻي - محمود ميرجت - محبوب علي - عابد علي راشدي - اڪبر علي - شفيق لاشاري - بيدل مسرور بدوي - شهاب جوڻيجو - آزاد انور - امر گل - عابد ڪلهوڙو - مير غلام نبي ٽالپر - خليق ميمڻ - گوبند رام چيلاڻي - آغا ترين - محبوب علي - اقبال شيخ...
- **جن دوستن ’يادون‘ چاتايو:** سليمان سنڌي - محمد حسن ڪوسو - سيد رضا علي شاه - علي پنيرو - ڊاڪٽر رفيق بازيدپوري - علي انور ميٽو - اعجاز علي – عبدالرزاق - حسين نذير - احمد آزاد راڄپر- ذوالفقار پٽي - مير ٽوني - ڊاڪٽر عابد مظهر شاه - زبير سومرو - قربان علي شر - غلام نبي راز
- **جن جي ڪا واضح راءِ نہ آئي ۽ مون واري راءِ سان سهمت رهيا:** سرور سومراه - منل جسڪاڻي - جاويد احمد مڪئي - آس سار - منير ميمڻ - سرواڻ جوکيو - قدير ميمڻ - سلمان علي - صدام ڪانڌڙو - رفيق ڪانڌڙو - مولا بخش بلوچ - غلام محمد قريشي - لياقت ابڙو - ڪي.بي سومرو - عطاءُ الحسنين ڳورڙ - ڊاڪٽر مير حسن ڏاهري - محمد سليمان وساڻ - عمران سيال - اظهار حسين سومرو - محمد اسماعيل - خليل انصاري - نصرالله

ڪوسو

هن معاملي ۾ لفظ 'ياد' جو جمع 'يادون' لاءِ اڪثريتي راءِ سامهون اچي ٿي، پر جيئن ته هي علمي معاملو آهي، ان ڪارڻ اڪثريتي راءِ جي اهميت ذاتي راءِ ۾ تصور ڪري سگهجي ٿي.

4. **نتيجو**

جڏهن ٻوليءَ جي اصول موجب لفظ 'يادِ' جي جمع صورت 'يادون يا يادين' لاءِ ڪا صورت جاچڻ لاءِ اپياس ڪي سامهون رکجي ٿو ته ڪو خاص نتيجو نه ٿو نڪري؛ ڇاڪاڻ ته آخري زير وارا چند اهڙا به سنڌي لفظ ملن ٿا، جيڪي جمع ٺاهڻ لاءِ صرف 'اُون' يعني صرف 'و ۽ ن' جا اکر ملائجن ٿا.

ڄاڻايل ٻن صورتن مان ڪنهن به صورت ڪي رد ڏيڻ لاءِ ڪو درست وياڪرڻي اصول نه ٿو نڪري. ياد رهي ته ٻوليءَ جي اصولن يا سماجي لسانيات آهر ڪنهن به لفظ جي صورتخطيءَ کي غلط قرار نه ٿو ڏئي سگهجي. اهڙي حالت ۾ 'جامع سنڌي لغات' ۾ ڄاڻايل 'ياد' جي جمع 'يادون' کي ترجيحي صورت لاءِ راءِ رکجي ٿي. (11)

## ايياسي ڪتاب


1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر. سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد- سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي. 2004ع. ص: 233
2. A manual of Sindhi – Sindhi Language Authority .Bulchand, Dulamal Hyderabad. 2003. pp: 22- 24
3. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر- سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر- سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد. 2010: ص: 43- 51
4. مرزا، قليچ بيگ. سنڌي وياڪرڻ- سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو. 2006. ص: 17.
5. Bulchand, 2003: p: 9
6. Bulchand, 2003: p: 23- 24
7. **جوکيو، الطاف حسين**- سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۾ آخري ۽ آخريءَ کان اڳ وينجن جي سُر ۽ آخري وينجن جي ساڪن هئڻ جو تصور. ايڊيٽر: تاج جويو. *سنڌي ٻولي: تحقيقي جرنل*، 2011ع- ج: 4، شمارو: 2، ص: 42- 95. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
8. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر- سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر- ص: 50
9. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر. سنڌي صورتخطي- سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد. 1993ع. ص: 144- 145.
10. Bulchand: 2003, p: 27
11. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر. جامع سنڌي لغات {جلد 5} سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو. 1988ع، ص: 3080

**ڊاڪٽر حاڪم علي ٻرڙو**
اسسٽنٽ پروفيسر (سنڌي)
علامه اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد
**ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري**
اسسٽنٽ پروفيسر، سنڌي شعبو، وفاقي اردو يونيورسٽي، ڪراچي

# سنڌي ۽ سرائيڪي ٻولين ۾ صرفي ۽ نحوي هڪجهڙائي

# THE GRAMMATICAL AND SYNTACTICAL RESEMBLANCE BETWEEN SINDHI AND SARIKI LANGUAGES

**Abstract**

Sindhi and Saraiki are the ancient languages of the Indus Valley and they are closely connected with each other for centuries. According to linguists, they belong to same language group. To analyze the relation and commonalities of the languages, the first and foremost thing is Syntax. This research article explores the relationship of Sindhi and Saraiki in terms of grammar and syntactical structure. The resemblance between these languages have been elaborated with suitable examples.

## صرفي نحوي هڪجهڙائي:

سنڌي ۽ سرائيڪي ٻولي جي صرفي ۽ نحوي هڪجهڙائي جي قاعدن ۽ قانونن ۾ گهڻي قدر هڪجهڙائي هوندي آهي. ڇو جو اڳ ۾ به اهو ذڪر ٿي چڪو آهي ته، انهن ٻنهي ٻولين جي هڪجهڙائي جي ڪري انهن جي ويا ڪرڻ ۾ به تمام گهڻي هڪجهڙائي آهي. ڇو جو ٻنهي ٻولين جي نسل انهن جي اچارڻ جو طريقو انهن جا مصدر ٺاهڻ جا قائدا، انهي قدر جو ٻنهي ٻولين جي ويا ڪرڻ يا گرامر ۾ به هن خطي ۾ اچڻ وارين قومن ۽ ٻولين تمام گهڻو اثر ڪيو آهي. خاص طور تي سنڌي ٻولي جو وياڪرڻ سنسڪرت، عربي، فارسي ۽ انگريزي جي گهڻن ئي لاڳاپيل قاعدن تي ٻڌل آهي پر سرائيڪي ٻولي ۾ وياڪرڻ تي ڪو مستند ڪم ناهي ٿيل، انهي جي هوندي سنڌي ٻولي جي گرامر تي تمام گهڻو ڪم ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ مرزا قليچ بيگ، ڪاڪو ڀيرو مل ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا ساراهه جوڳا نالا آهن. سنڌي ٻولي ۾ گهڻا ڪتاب ته گرامر جي حوالي سان ترجمو ڪيا ويا آهن. سنڌي ٻولي ته پنهنجي واڌ ويجهه جي حوالي سان تمام گهڻن مرحلن مان لنگهي سامهون آئي آهي ۽ هن خطي جي مستقل ٻولين ۾ ڳڻي وڃي ٿي پر انهي جي مقابلي ۾ سرائيڪي ٻولي پنهنجي